# ريفرل ڊائريڪٽري

## لاڳاپيل ادارن تائين پهچ



# GRASSROOT ACTION TO END CHILD EARLY AND FORCED MARRIAGE



## مقامي سطح تي ننڍي عمر ۽ جبري شادي جي روڪٿام

Save the Children

SPO Strengthening Participatory Organization

Putting People First! 30 years and counting...

CRS Community Relief Services

# ڪاپي رائيٽ




هي اشاعت ڪميونٽي رليف سروسز اداري ننڍي عمر ۾ جبري شادي جي روڪٿام جي منصوبي تحت ايس پي او ۽ سيو دي چلڊرن جي تعاون سان تيار ڪئي وئي آهي، جنهن جي مالي سهڪار متحده آمريڪي رياست ڪئي آهي.

هن اشاعت جو مواد ڪميونٽي رليف سروسز، ايس پي او ۽ سيو دي چلڊرن جي ملڪيت آهي، هن ڪم جي ڪنهن به صورت ۾ يا ڪنهن به طريقي سان، بشمول فوٽوڪاپي، برقي يا ميڪانيڪي ذريعي، بغير اجازت نقل، تبديلي يا ترميم غيرقانوني آهي.

هي ڊائريڪٽري سماجي خدمت، آگاهي، ۽ مدد جي فراهمي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي هن ڪتابچي ۾ڏنل مواد صرف ڄاڻ جي مقصد لاءِ آهي ،هي مواد ڪنهن به تجارتي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ قانوني طور تي ممنوع آهي ،ڊائريڪٽري ۾ شامل معلومات ادارن کان حاصل ڪيل آهي ۽ وقت سان گڏ تبديل ٿي سگهي ٿي ،ڪوشش ڪئي وئي آهي ته مواد صحيح، تازه ترين ۽ ڪارائتو هجي ،ڪنهن به تبديلي يا درستگي لاءِ مهرباني ڪري اداري سان رابطو ڪندا، ڊائريڪٽري ۾ شامل معلومات رڳو رهنمائي لاءِ مهيا ڪئي وئي آهي، ڪتابچي جو اصل مقصد ڪميونٽي تائين ضروري سهولتن جو رسالو فراهم ڪرڻ آهي، ريفرل ڊائريڪٽري ۾ ڏنل نالا، نمبر ۽ پتا وقتي طور تي تبديل ٿي سگهن ٿا .

ڊائريڪٽري جي اشاعت ۾ مدد ڏيندڙ ادارن جا شڪرگذار آهيون.

# فهرست


- سيو دي چلڊرين پاڪستان طرفان پيغام
- چيف ايگزيڪٽو آفيسر ايس پي او جو پيغام
- مينيجر پروجيڪٽ ۽ گرانٽس جو پيغام
- چيف ايگزيڪٽو آفيسر سي آر ايس جو پيغام
- منصوبي جو تعارف
- منصوبي ۾ شراڪتي مقامي ادارا
- منصوبي جون سرگرميون
- ضلعي سطع تي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارا
- صوبائي سطع تي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارا

# سيو دي چلڊرن پاڪستان طرفان پيغام

Save the Children

## سيو دي چلڊرن پاڪستان

اسان مقامي سطع تي ٻارنجي ننڍي عمر۽ جبري شادي جي پروجيڪٽ جا پارٽنر جيڪو ايس پي او ۽ سوي دي چلڊرين جي مشترڪه پيش قدمي سان هلايو ويو آهي جنهجو مالي سهڪار متحده آمريڪي رياست ڪيو اهي. سيو دي چلڊرن پاران ڪيل ڪوشش، حصيدارين ۽ لڳاتار سهولتن جي دل جي گهراين سان ساراهه ڪريون ٿا

ٻارن جي ننڍي عمر ۽ جبري شادي ڪي ختم ڪرڻ لاءِ اوهان جي وابستگي سڀني ٻارن لاءِ وڌيڪ محفوظ، منصفاڻو ۽ اميد ڀري مستقبل ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي

# چيف ايگزيڪٽو آفيسر ايس پي او جو پيغام

ٻارن جي ننڍي عمر ۾ جبري شادي خيالي يا رڳو نظرياتي مسئلا نه آهن ـ اهي حقيقتون آهن جيڪي اجا تائين اسان جي برادرين کي متاثر ڪن ٿيون ،موقعن کي محدود ڪن ٿيون ۽ خاص طور تي ڇوڪرين جا خواب ختم ڪري ڇڏين ٿيون انهن ناانصافين کي ختم ڪرڻ جو عمل بنيادي سطح تان شروع ٿئي ٿو ،جتي بااختيار ڪميونٽيز انهن تحفظ کان محروم ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيو .

هي سروس فراهم ڪندڙن جي ڊائريڪٽري ڪميونٽي سطع تي بيسڊ ريسپانس سسٽم عمل در آمد جي نظام کي مضبوط ڪرڻ ۾ هڪ عملي قدم جي نمائندگي ڪري ٿي اها معاشري ۾ ڪم ڪندڙن، مقامي اڳواڻن ۽ خاندانن لاءِ هڪ اهم وسيلو آهي: اهڙا قابلِ رسائي ۽ قابلِ اعتماد رستا، جيڪي يقيني بڻائن ٿا ته خطري ۾ پيل هر ٻار کي وقت سر مدد ملي

ايس پي او جي پليٽ فارم تي اسان جو يقين آهي ته پائيدار ۽ بامعنيٰ تبديلي تڏهن ممڪن ٿئي ٿي، جڏهن ڪميونٽيز اڳواٽي ڪن ٿيون هي ڊائريڪٽري رڳو هڪ اوزار ڪتاب نه آهي ـ هي گڏيل عمل جي علامت آهي، جيڪا ڪميونٽيز کي تيزيءَ سان ۽ ڄاڻ تي ٻڌل قدم کڻڻ ۾ مدد ڏئي ٿي، جيئن ارن جي ننڍي عمر ۾ جبري شادي کي روڪيو وڃي ۽ ٻارن جي حقن ۽ مستقبل جي حفاظت ٿي سگهي

اسان نهايت شڪر گذار آهيون سيو دي چلڊرين، متحده آمريڪي رياست ۽ سول سوسائيٽي جي ماڻهن جا جن هن منصوبي ۾ سهڪار ڪيو. اوهان جي وابستگي هن قدم کي ممڪن بڻايو آهي

اچو ته گڏجي مقامي آواز کي وڌيڪ اثرائتو بڻايون ۽ هر ٻار لاءِ وڌيڪ محفوظ، منصفاڻي ۽ برابري تي ٻڌل دنيا جي تعمير لاءِ گڏجي ڪم جاري رکون



## عارف مظهر

چيف ايگزيڪٽيو آفيسر
ايس پي او

SPO
Strengthening Participatory Organization
ادارہ استحکام شرکتی ترقی
Putting People First!
30 years and counting...

## مينيجر پروجيڪٽ ۾ گرانٽس جو پيغام

ٻارن جون ننڍي عمر ۾ جبري شادي اڄا ٿائين لڪين ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي سندن بنيادي حقن تعليم، صحت ،تحفظ ،عزت ۽ موقعن سان ڀرپور ٻالڪپڻ جي حقن کان محروم ڪن ٿيون. هي انتهائي نقصانڪار عمل انهن جي صلاحيتن کي محدود ڪري ٿو ۽ انهن کي سڄي زندگي لاءِ خطرن-جسماني ،جذباتي ۽ معاشي -جي منهن ۾ وجهي ٿو.

اهڙي پيچيده ۽ گهٽي جڙيل مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هڪجهڙو، هم آهنگ ۽ ڪميونٽي تي ٻڌل ردعمل ضروري آهي هي سروس فراهم ڪندڙن جي ڊائريڪٽري انهيءَ رُخ ۾ هڪ اهم قدم آهي اها هڪ عملي ريفرل اوزار آهي، جيڪا سماجي ميدان ۾ ڪم ڪندڙن، سول سوسائٽي تنظيمن ۽ ڪميونٽي جي ميمبرن کي تيزيءَ سان ۽ اثرائتي نموني سان جواب ڏيڻ ۾ مدد لاءِ تيار ڪئي وئي آهي قابلِ رسائي ڄاڻ مهيا ڪري، هي ٻارن ۽ خاندانن کي اهم تحفظ، صحت، نفسياتي مدد ۽ قانوني خدمتن سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڪري ٿي

هي ڊائريڪٽري صرف هڪ وسيلو نه آهي، پر عمل لاءِ سڏ آهي اها اسان جي گڏيل وابستگيءَ جي علامت آهي ته هر ٻار جي حقن جي حفاظت ڪجي، صنفي برابريءَ کي هٿي ڏجي، ۽ اهڙو تحفظ وارو ماحول پيدا ڪجي جتي سڀ ٻار آزاديءَ سان وڌي سگهن، سکِي سگهن ۽ خوشحال ٿي سگهن

مان پنهنجي ساٿي /پارٽنر ادران خاص طور تي ڪميونٽي رليف سروسز ۽ سماجي خدمتون مهيا ڪندڙن ۽ ڪميونٽي جي ساٿين جي دل جي گهراين سان ساراهه ڪريان ٿو، جيڪي هن اهم ڪم جي اڳواٽي ڪن ٿا اڇو ته گڏجي پنهنجون ڪوششون ٻيڻو ڪريون ته جيئن ٻارن جي ننڍي عمر ۾ جبري شادين کي ختم ڪري سگهون ۽ سڀني ٻارن لاءِ وڌيڪ محفوظ، منصفاڻي ۽ اميد ڀري مستقبل تعمير ڪري سگهون




**جميل اصغر**

مينيجر پروجيڪٽ ۽ گرانٽس
گراس روٽس ايڪشن ٽو
اينڊ چائلڊ، ارلي اينڊ
فورسڊ ميرج

# چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جو پيغام



## علي حسن سولنگي

چيف ايگزيڪٽيو آفيسر
ڪميونٽي ريليف سروسز
سي آر ايس

Community Relief Services

مون کي ريفرل پاٿ وي ڊائريڪٽري پيش ڪرڻ تي تمام گهڻو فخر ۽ اعزاز حاصل آهي، هي ريفرل ڊائريڪٽري بنيادي سطع تي ننڍي عمر ۽ جبري شادي جي روڪٿام واري منصوبي تحت تيار ڪئي وئي آهي. هي ڊائريڪٽري ڪميونٽي رليف سروسز، اسٽرينٿننگ پارٽيسيپيٽري آرگنائيزيشن ( ايس پي او)، ۽ سيو دي چلڊرين جي تعاون سان پيش ڪئي وئي آهي جنهن جو مالي سهڪار متحده آمريڪي رياست ڪيو آهي.

.ٻارن جي ننڍي عمر ،۽ جبري شادي اسان جي معاشري ۾ ڪيترن ئي ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جي زندگين کي متاثر ڪيو آهي، انهن کي تعليم، صحت ۽ انهن جي بنيادي حقن کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. هن پيچيده مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ گڏيل ۽ مجموعي شعبن تي ٻڌل ردعمل جي ضرورت آهي ۽ اهو ئي هن ڊائريڪٽري جو بنيادي مقصد آهي. سماجي خدمتون ڏيندڙ ادارن تائين رسائي ۽ انهن مان صحيع نموني فائدو وٺڻ لاءِ هي ريفرل پاٿ وي ڊائريڪٽري سماجي ڪارڪنن، سول سوسائٽي ادارن ۽ مقامي برادرين کي بااختيار بڻائي ٿي ته اهي ٻارن جي حفاظت لاءِ بروقت ۽ مربوط ڪارروائي ڪن ۽ انهن کي ڀرپور مدد تائين رسائي کي يقيني بڻائين.

مان تمام سماجي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن جو دل جي گهراين سان شڪرگذار آهيان جن هن ڀلائي واري ڪم ۾ ساٿ ڏنو آهي، ۽ ان سان گڏوگڏ ايس پي او، سيو دي چلڊرين ۽ آمريڪي رياست جو جن هن منصوبي لاءِ مالي سهڪار ڪيو آهي.

اچو ته ننڍي عمر ۽ جبري شادي کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجن ڪوشش کي مضبوط ڪريون، ۽ سڀني ٻارن لاءِ هڪ محفوظ، روشن مستقبل کي يقيني بڻايون.

# منصوبي جو تعارف

## پس منظر

دنيا ۾ جي سڀ کان وڌيڪ ننڍي عمر ۾ جبري شادي جي شرح پاڪستان ۾ آهي، ڏکڻ ايشيا ۾ پاڪستان سميت ٢٠ کان ٢٤ سالن جي هر پنجين عورت پهرين شادي ڪري ٿي. ڇوڪريون، خاص طور تي نوجوان ڇوڪريون ننڍي عمر ۾ جبري شادي جي سڀ کان وڏي خطرن ۾ نقصانن کي منهن ڏين ٿيون، ۽ اهي تڏهن وڌي وڃن ٿيون جڏهن انهن ڇوڪرين سان انهن جي جنس، عمر، معذوري، نسل، ذات، مذهب، سماجي، اقتصادي حيثيت ۾ جنسيت جي بنياد تي اڻ برابري ڪئي وڃي ٿي. ظلم جا ساڳيا نظام عورتن، ڇوڪرين ۾ ٻين پسمانده گروهن جي بامعني شرڪت ۾ قيادت کي تنظيمن ۾ نيٽ ورڪن ۾ محدود ڪن ٿا. پاڪستان ۾ مقامي سطع تي ڪم ڪندڙ تنظيمون ئي ننڍي عمر ۾ جبري شادي کي ختم ڪرڻ لاءِ اثرائتو ٿي سگهن ٿيون. پر انهن وٽ مالي سگهه، معلومات، تنظيمي صلاحيت جي کوٽ ۾ ننڍي عمر ۾ جبري شادي تي ڪم ڪندڙ لاڳاپيل ادارن ۾ گورنمينٽ جي مدد درڪار آهي.

ڪميونٽي رليف سروسز (سي آر ايس) سيو دي چلڊرين پاڪستان، استرينٿننگ پارٽيسيپيٽري آرگنائيزيشن (ايس پي او) ۾ متحده آمريڪي رياست جي مالي مدد سان تعلقه ڪوٽڏيجي ضلع خيرپور جي پنجن يونين ڪائونسلن ڪنب، جسڪاني، ملهار خاصخيلي، ٻاقو ۾ فتح پور ۾ بنيادي سطح تي ننڍي عمر ۾ جبري شادين جي روڪٿام جو منصوبو هلائي رهي آهي. هن منصوبي تحت ٻارن جي تحفظ، ننڍي عمر ۾ جبري شادين جي روڪٿام لاءِ ڳوٺن ۾ بنيادي سطح تي سنڌ ريسترينٽ ايڪٽ ٢٠١٣ جي نهيل قانون مطابق آگاهي ڏئي رهي آهي. سي آر ايس هن منصوبي تحت يونين ڪائونسل سطح تي ڪاميٽيون جوڙيون آهن ته جئين مقامي ماڻهن جي وڌ کان وڌ شموليت ٿئي ۾ ننڍي عمر ۾ جبري شادين کي روڪڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

هن منصوبي جو مقصد خدمتن جي فراهمي تي آهي ته جيئن ٻارن جي تحفظ جي نظام کي مضبوط ڪيو وڃي ۾ ننڍي عمر جي شادين جو شڪار ٿيل ٻارن کي خدمتون مهيا ڪيون وڃن جن ۾ قانوني مدد، نفسياتي صلاح مشورو، هيلپ لائن، ۾ پناهگاهه جي حوالي لاءِ ريفرل پڻ شامل آهي. هن ريفرل ذريعي ننڍي عمر ۾ جبري شادين جي ڪيسن جي ضلعي سطح تي نشاندهي ڪرڻ ۾ انهن جي حل لاءِ بهترين نظام قائم ڪيو ويندو.

# ضلعي سطح تي منصوبي جا شراڪتي ادارا

ايس پي او خيرپور ضـــلعي جي ڇهن مقامي ادارن ســـان گڏجي ڪري ننڍي عمر ۾ جبري شـــادين جي روڪٿام لاءِ هي پروجيڪٽ 30 يونين ڪائونســـلن ۾ هلائي رهي آهي. پروجيڪٽ ننڍي عمر ۾ جبري شادين سان لاڳاپيل ادارن ۾ نيٽ ورڪن ڪي مضـــبوط ڪرڻ ۾ حڪومت ۾ اهم اسٽيڪ هولڊرن سان لاڳاپا وڌائڻ تي ڌيان ڏئي ٿو. هي منصـــوبو ڪميونٽي سطح تي ڪوشـــن ڪي هم آهنگ ڪري ٿو ۾ سماجي رواجن ۾ تبديلي آڻڻ سان گڏ ننڍي عمر ۾ جبري شادين جي پاليســـي جي عملداري ۾ اڳيرائي ڪندي بنيادي سطح ۾ پاليســـي سطح ڀنهي تي پائيدار تبديلي ڪـي يقينـي ڀڻائيندو.

Bhittai Social Watch & Advocacy (B.S.W.A) Khairpur Mir's Sindh

CRS Community Relief Services

I.W.O Sobhodero

IDSO Insan Dost Social Organization

Sewa Trust سيوا ٽرسٽ SDTS

Women Agriculture Development Organization (WADO) WADO PAKISTAN

# منصوبي جون سرگرميون

## منصوبي تحت رٿيل سرگرميون

- ضلعي ۽ صوبائي سطح تي ٻارن جي حقن ۽ صنفي تشدد تي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارن جي صلاحيت جو جائزو وٺڻ
- ضلعي ۽ صوبائي سطح تي ٻارن جي حقن ۽ صنفي تشدد جي ريفرل نظام کي بحال ڪرڻ ۽ حرڪت ۾ آڻڻ
- موجوده ريفرل نظام کي لاڳاپيل سرڪاري ادارن (سماجي ڀلائي کاتو، عورتن جي ترقي وارو کاتو، ٻارن جي تحفظ جا مرڪز) جي تعاون سان ترتيب ڏيڻ. ريفرل نظام کي واضح طور سنڌي ٻولي ۾ ترجمو ڪرڻ ته جيئن هر ڪو انهن کي سمجهي سگهي.
- ترتيب ڏنل ۽ پرنٽ ٿيل ريفرل ڊائريڪٽري کي ڇوڪرين، والدين، نڪاح خوان ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن ۾ مختلف سرگرمين ذريعي ورهايو ويندو.
- خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ ريفرل ڊائريڪٽري جي فراهمي.
- ننڍي عمر ۽ جبري شادي، چائلڊ ليبر، صنفي تشدد جا ڪيس خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارن جهڙوڪ سي پي يو، دارالامان ، سماجي حفاظتي مرڪز، صحت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڏانهن موڪلڻ.
- ضلعي سطح تي وڪيلن (ضلعي بار ايسوسيئيشن جا ميمبر) ۽ ضلعي پريس ڪلب جي صحافي ميمبرن لاء تربيتي پروگرام
- نوجوان عورتن کي اقتصادي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪاروباري تربيت
- مڊل ۽ هاءِ اسڪول جي شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ مهارتن جي تربيت
- ضلعي سطح تي ننڍي عمر ۽ جبري شادي جي ڪيسن جي روڪٿام لاءِ ڊيٽابيس جو قيام
- ننڍي عمر ۽ جبري شادي جي حوالي سان ڳوٺن ۾ ٿيٽر ڪرائڻ
- ضلعي ۽ صوبائي سطح تي فورم ٺاهي ننڍي عمر ۽ جبري شادي جي آگاهي کي يقيني بنائڻ

# ضلعي سطح تي سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارا

| نمبر | اداري جو نالو | خدمتون | سرڪاري يا غير سرڪاري |
|---|---|---|---|
| 1 | چائيلڊ پروٽيڪشن يونٽ | ٻارن جي حقن ۽ حفاظت جي لاءِ ادارو | سرڪاري |
| 2 | معزور ٻارن جي تعليم ۽ حقن جو ادارو | تعليم ، معذوري سند، ويلچيئر، صحت | سرڪاري |
| 3 | وومين پروٽيڪشن سيل سنڌ پوليس ڊپارٽمينٽ | عورتن جي تحفظ جو ادارو | سرڪاري |
| 4 | وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ | عورتن جي ترقي جو ادارو | سرڪاري |
| 5 | ايس او ايس وليج | يتيم ٻارن جي مفت تعليم جو ادارو | غير سرڪاري |
| 6 | بيت المال سوئيٽ هوم | يتيم ٻارن جي تعليم، رهائيش ۽ صحت | سرڪاري |
| 7 | پي پي ايڇ آءِ | ٻارن جي نشونما ۽ صحت جو مرڪزي ادارو | غير سرڪاري |
| 8 | هيلٿ ڊپارٽمينٽ گورنمينٽ آف سنڌ | صحت جو مرڪزي ادارو | سرڪاري |
| 9 | ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن | قانوني مدد ۽ مشوري جو ادارو | غيرسرڪاري |
| 10 | ليگل ايڊ سوسائيٽي | قانوني مدد ۽ مشوري جو ادارو | غير سرڪاري |
| 11 | لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ | پيدائيش ۽ نڪاح جو اندراج | سرڪاري |
| 12 | ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ | ٻارن ڪي اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ | سرڪاري |
| 13 | محتسب اعليٰ | معذورن جي بحالي وارو ادارو | سرڪاري |
| 14 | ريسڪيو | ڪنهن به ايمرجنسي صورتحال | سرڪاري |

# سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارا

| اداري جو نالو | اداري جي حيثيت | اداري جون سهولتون | رابطي لاءِ |
| --- | --- | --- | --- |
| چائيلڊ پروٽيڪشن يونٽ<br>ٻارن جي تحفظ جو مرڪز<br>سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ | سرڪاري | 18 سالن کان گهٽ عمر جي ٻار کي قانوني مدد فراهم ڪرڻ سان گڏ ٻارن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ<br>ذهني يا جسماني تشدد، حراسان ڪرڻ، ننڍي عمر ۾ شادي جي روڪٿام، صحت کي بحال ڪرڻ | قمر الدين چنه<br>ڊپٽي ڊائريڪٽر<br>سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ خيرپور<br>فون نمبر:03146250898<br>مدد گار نمبر 1121<br>ايڊريس:ايس ايس پي هائوس نزد ريڊيو پاڪستان خيرپور |
| سماجي ڀلائي جو کاتو<br>۽ جسماني ، ذهني معزور ٻارن جي تعليم ۽ تحفظ جو ادارو | سرڪاري | ٻارن جي حفاظت ، ٻارن جي تحفظ بابت قانون ناهڻ ۽ لاڳو ڪرڻ، بدسلوڪي ۽ لاپرواهي جي ڪيسن تي عمل ڪرڻ، خاندانن کي سهائتا فراهم ڪرڻ ۽ آگاهي مهم هلائڻ | حفيظ الله شيخ<br>ڊپٽي ڊائريڪٽر<br>فون نمبر: 03337594564<br>مدد گار نمبر 1121<br>ايڊريس: سوشل ويلفئير آفيس پوئيان ايس ايس پي هائوس خيرپور<br>ايڊريس: آر سي پي ايچ نزد ڪردوبا اسڪول پير ڳوٺ روڊ خيرپور |

# سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارا

| اداري جو نالو | اداري جي حيثيت | اداري جون سهولتون | رابطي لاءِ |
| --- | --- | --- | --- |
| ومين اينڊ چائيلڊ پروٽيڪشن سيل<br><br>عورتن ۽ ٻارن جي تحفظ جو ادارو | سرڪاري | ومين اينڊ چائيلڊ پروٽيڪشن سيل شڪايتن جي رپورٽنگ ۽ انهن جي حل ڪي آسان بڻائڻ لاءِ هڪ محفوظ جڳهه فراهم ڪندي عورتن ۽ ٻارن کي تشدد ۽ بدسلوڪي کان بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. اهو علائقي ۾ صنفي بنياد تي تشدد کي منهن ڏيڻ لاءِ وسيع نظام ۾ هڪ اهم ڪڙي طور ڪم ڪري ٿو. | مهناز بوزدار<br>يونٽ انچارج خيرپور<br>0300_4238977<br>مدد گار نمبر 15<br>ايڊريس: ومين ٿاڻو پوليس هيڊ ڪواٽر، نزديڪ مريم ٽوب، خيرپور |
| ومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ | سرڪاري | سنڌ ۾ ومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ (ڊبليو ڊي ڊي) هڪ سرڪاري ادارو آهي جيڪو مختلف قدمن ذريعي عورتن جي زندگين کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏئي ٿو. اهو سماجي، معاشي ۽ قانوني مدد فراهم ڪندي، ۽ عورتن جي حق ۾ قانون ۽ آگاهي پروگرام تيار ڪندي عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري ٿو. | دانيال ڪاڪيپوٽو<br>اسسٽنٽ ڊائريڪٽر<br>0333_2053426<br>حسن ڪاظم جوٽيجو<br>فوڪل پرسن<br>03337592226<br>مدد گار نمبر 1094<br>ايڊريس: ون يونٽ بلڊنگ پهرين منزل خيرپور |

# سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارا

| اداري جو نالو | اداري جي حيثيت | اداري جون سهولتون | رابطي لاءِ |
|---|---|---|---|
| ايس او ايس چلڊرين وليج | غير سرڪاري | ايس او ايس چلڊرين وليج هڪ غير سرڪاري تنظيم آهي جيڪا پاڪستان ۾ يتيم، لاوارث ۽ مستحق ٻارن جي سنڀال ۽ مدد فراهم ڪري ٿي. هي تنظيم خيرپورسميت ملڪ جي 17 شهرن ۾ ڪم ڪري ٿي جتي ٻار محفوظ، مستحڪم ۽ پيار ڪندڙ گهرن ۾ پرورش حاصل ڪن ٿا. ايس او ايس چلڊرين وليج هڪ خاندان تي مشتمل ماحول فراهم ڪندڙ نموني سان ٺاهيو ويو آهي جتي ٻار جي ڊگهي عرصي تائين سنڀال، تعليم، صحت جي سار سنڀال حاصل ڪري سگهن ٿا. ايس او ايس چلڊرين وليج جو خاص مقصد هر ٻار کي هڪ محفوظ گهر ۽ انهن جي مڪمل صلاحيت تائين پهچ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو. | سونيا بلوچ<br>فوڪل پرسن<br>0333_2710538<br>ايڊريس: نزد بائيڪو پيٽرول پمپ اولڊ نيشنل هائي وي خيرپور |
| بيت المال سوئيٽ هوم | سرڪاري | بيت المال بورڊ پاران منظور ڪيل قابليت جي معيار مطابق، بيواهه، يتيم، معذور، ڪمزور ۽ ٻين ضرورتمند ماڻهن کي مدد فراهم ڪري رهيو آهي.<br>يتيم ۽ لاوارث ٻارن جي کاڌو خوراڪ سان گڏ بنيادي تعليم، رهائش ۽ سارسنڀال فراهم ڪري ٿو | رابطي لاءِ<br>بلاول پيرزادو<br>ايڊريس: نادرا آفيس سامهون اولڊ نشنل هائي وي خيرپور<br>رابطي لاءِ نمبر:<br>0333_3703816 |

# سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارا

| اداري جو نالو | اداري جي حيثيت | اداري جون سهولتون | رابطي لاءِ |
|---|---|---|---|
| پيپلز پرائيمري هيلٿ ڪيئر انيشيئيٽوز - پي پي ايڇ آءِ | غيرسرڪاري | 1. بنيادي هيلٿ ڪيئر، صلاح مشورا، ويڪسينيشن، ۽ عام بيمارين لاءِ علاج شامل آهن.<br>2. خانداني منصوبابندي، پيدائش کان اڳ جي سنڀال ۽ پيدائش کان پوءِ جي سنڀال شامل آهن.<br>3. ٻارن جي صحت جون خدمتون پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ ويڪسينيشن، واڌ جي نگراني، ۽ عام ٻارن جي بيمارين لاءِ علاج شامل آهن. | ڊسٽرڪٽ مئينجر<br>عرفان علي قلپوٽو<br>0333_3602725<br>.O243_684182<br><br>ايڊريس: ممتاز ڪالوني اولڊ نشنل هائي وي خيرپور |
| هيلٿ ڊپارٽمينٽ گورنمينٽ آف سنڌ | سرڪاري | طبي مدد يا علاج جي سهولتون<br>غضائي ڪوٽ جو شڪار ٻارن ڪي ڪاڌي خوراڪ جي سهولت<br>۽ قانوني مدد فراهم ڪرڻ<br>معاشي مدد يا مالي مدد جي سهولت<br>ٻهچائڻ جون خدمتون: محفوظ ٻهچائڻ جون خدمتون مهيا ڪريو، جن ۾ نارمل ۽ سيزيرين ٻڻ شامل آهن.<br>. پوليو، خسرو ۽ تپ دق جهڙين بيمارين کي روڪڻ لاءِ ويڪسينيشن پروگرام لاڳو ڪري ٿو. | ڊاڪٽر نديم اشرف جوکيو<br>ڊي ايڇ او<br>خيرپور ميرس<br><br>0300_3117240<br><br>ايڊريس: ٽالپر ڪالوني خيرپور |

# سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارا

| اداري جو نالو | اداري جي حيثيت | اداري جون سهولتون | رابطي لاءِ |
|---|---|---|---|
| بار ايسوسيئيشن خيرپور | سرڪاري | 1. بار ايسوسيئيشن ڪمزور ٻارن ۽ خاندانن کي مفت قانوني مدد فراهم ڪري ٿي، انهي کي يقيني بڻائي ٿي ته انهن کي انصاف تائين رسائي حاصل هجي.<br>2. بار ايسوسيئيشن جا ميمبر عدالت ۾ ٻارن ۽ خاندانن کي قانوني نمائندگي پيش ڪن ٿا، انهن جي حقن ۽ مفادن جي وڪالت ڪن ٿا.<br>3. بار ايسوسيئيشن ٻارن جي حقن جي وڪالت ڪري ٿي، ڪمزور ٻارن جي حفاظت لاءِ پاليسي سڌارن ۽ قانون سازي جي تبديلين لاءِ زور ڏئي ٿي. | فوڪل پرسن<br>صدر بار ايسوسيئيشن خيرپور<br><br>اعجاز علي چانڊيو<br>0332_8110786<br>ايڊريس؛ بار ايسوسيئيشن ڪورٽ خيرپور |
| سنڌ ليگل ايڊ سوسائٽي | غيرسرڪاري | مفت قانوني مشورا ۽ قانوني مدد<br>قانوني طريقاڪار بابت آگاهي ڏيڻ، پنهنجا حق سمجهڻ ۽ دعوي ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻائڻ | فوڪل پرسن<br>باقرعلي سومرو<br>0301_3973617<br>ايڊريس؛ بار ڊفينس سٽي پنيان جامع مسجد خيرپور<br>مفت ڪل نمبر: 0800_70806<br>موبائيل نمبر: 0333_7596324 |

# سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارا

| اداري جو نالو | اداري جي حيثيت | اداري جون سهولتون | رابطي لاءِ |
|---|---|---|---|
| لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ | سرڪاري | صفائي ستهرائي، اسٽريٽ لائٽس،ڊرينيج جو نظام بهتر بڻائڻ<br>يونين ڪائونسل سطح تي نڪاح خوان مقرر ڪرڻ<br>مسجدن، مندرن، گرجا گهرن ،امام بارگاهن جي سار سنڀال ڪرڻ<br>بي فارم، رهائش،پيدائش۽ وفات جا سرٽيفيڪيٽ جاري ڪرڻ<br>هنگامي حالتن ۾ مقامي ماڻهن جي مدد ڪرڻ | ظفر اقبال ڦلپوٽو<br>ايڊيشنل ڊائريڪٽرلوڪل گورنمينٽ<br>ڊپارٽمينٽ خيرپور<br>0335_2722566<br><br>ايڊريس؛ ضلعي ڪائونسل آفيس نزد<br>فاطميد فائونڊيشن اولڊ نيشنل هاءِ<br>وي خيرپور |
| ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ خيرپور | سرڪاري | بنيادي ، پرائمري ، سيڪنڊري ۽ هائيرسيڪنڊري<br>تعليم فراهم ڪرڻ | اياز علي مهيسر<br>ڊي اي او پرائمري خيرپور<br>0301_3424439<br>عبدالسميع ٻنيرو<br>ڊي اي او سيڪنڊري ۽<br>هائيرسيڪنڊري خيرپور<br>0301_3421328<br>ايڊريس؛ ڊي اي او آفيس نزد بس<br>ٽرمينل خيرپور |

# سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارا

| اداري جو نالو | اداري جي حيثيت | اداري جون سهولتون | رابطي لاءِ |
|---|---|---|---|
| محتسب اعليٰ | سرڪاري | سرڪاري ادارن ۾ ٿيندڙ بي ضابطگين خلاف قانوني قدم کڻڻ<br>حاضر سروس، رٽائرڊ ملازمن ، ۽ فوتي ملازمن جي ٻي واهن کي انصاف فراهم ڪرڻ<br>معلومات تائين رسائي واري قانون جو حق فراهم ڪرڻ<br>عورتن ۽ ٻارن تي ٿيندڙ تشدد ۽ حراسمينٽ خلاف انصاف فراهم ڪرڻ | احمد بخش گهمرو<br>صوبائي محتسب<br>ريجنل آفيس بيگم نصرت ڀٽو<br>سيڪريٽريٽ نزد بلاول ڀٽو پارڪ<br>خيرپور ميرس<br>رابطي لاءِ 03013972200 |
| ريسڪيو 1122 | سرڪاري | هنگامي حالتن ۾ مريضن کي اسپتالن ڏانهن منتقل ڪرڻ لاءِ ايمبولينس جي سهولت ميسر ڪرڻ<br>باهه لڳڻ جي صورت ۾ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ<br>گر ٿيل ماڻهن، قدرتي آفتن کان بچيل ماڻهن ۽ حادثي جي متاثرين کي مدد فراهم ڪرڻ<br>هنگامي حالتن ۾ مريضن کي پهرين امداد فراهم ڪرڻ<br>مريضن کي طبي علاج لاءِ اسپتالن ڏانهن منتقل ڪرڻ<br>قدرتي آفتن، جهڙوڪ ٻوڏ، زلزلي ۽ طوفانن ۾ مدد فراهم ڪرڻ<br>روڊ حادثا، صنعتي حادثا، ۽ عمارت جي ٽٽڻ جهڙن حادثن ۾ مدد فراهم ڪرڻ | فوڪل پرسن<br>اويس سلطان<br>ايڊريس ريجنل ريسڪيو سائيٽ<br>ايريا سکر<br>مدد گار نمبر 1122<br>فون نمبر: 0719310233 |

# صوبائي سطح تي سماجي خدمتون سرانجام ڏيندڙ ادارا

| نمبر | اداري جو نالو | خدموتون | رابطي لاءِ |
|---|---|---|---|
| 1 | سنڌ چائيلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي | ٻارن جي حفاظت ، ٻارن جي تحفظ بابت قانون ناھڻ ۽ لاڳو ڪرڻ، بدسلوڪي ۽ لاپرواھي جي ڪيسن تي عمل ڪرڻ، خاندانن ڪي سھائتا فراھم ڪرڻ ۽ آگاھي مھم ھلائڻ | سوشل ويلفيئر ٽريننگ انسٽيٽيوٽ ، گھٽي نمبر 4، بلاڪ نمبر 7، گلشن اقبال ڪراچي<br>رابطه نمبر: 02199333065 |
| 2 | سنڌ هيومن رائيٽ ڪميشن | انساني حقن جي حفاظت لاءِ ڪم ڪري ٿو، جنھن ۾ حق تلفين جي جاچ، شڪايتن تي يا پنھنجي طرفان (سُوموٽو) جاچ ڪرڻ، حراستي مرڪزن جا دورا ۽ نگراني ڪرڻ، ۽ انساني حقن بابت عوامي آگاھي وڌائڻ شامل آھي- | ريجنل آفيس ڊسٽرڪٽ وومين ڊولپمينٽ ڪامپليڪس ، مين شڪارپور روڊ سکر<br>رابطه نمبر: 0715824055 |
| 3 | سنڌ ڪميشن آن دي اسٽيٽس آف وومين | عورتن جي سماجي، اقتصادي، سياسي ۽ قانوني حقن جي واڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ | سنڌ سيڪريٽريٽ 3، اولڊ ڪي ڊي اي بلڊنگ چوٿون فلور، ڪراچي<br>رابطه نمبر: 021 99211110 |
| 4 | ٻارن جي شڪايت آفيس صوبائي محتسب سنڌ | ٻارن سان لاڳاپيل يا ٻارن طرفان ڏنل شڪايتن لاءِ ھڪ خاص ازالي ۽ جوابده نظام قائم ڪرڻ | سيڪريٽريٽ صوبائي محتسب ، شاھراھ ڪمال عطاترڪ ڪراچي<br>رابطه نمبر: 02199218299 |
| 5 | ساحل | ٻارن جي تحفظ ۽ خاص طور تي ٻارن سان جنسي بدسلوڪي جي روڪٿام لاءِ ڪم ڪرڻ | سنڌي ڪوآپريٽو ھائوسنگ سوسائيٽي سکر<br>رابطه نمبر: 03003100064 |
| 6 | جينڊر ڪرائيم ۽ هيومن رائيٽس | انساني حقن، ۽ خاص طور تي عورتن ۽ ٽرانس جينڊر فردن ڪي تشدد ۽ استحصال ڪان بچائڻ آھي. | آغا خان 3 روڊ، صدر ٽائون، ڪراچي<br>رابطه نمبر: 03312554866 |

# اگر توهان کي ننڍي عمر ۾ جبري شادي جي خبر پوي ته هيٺين نمبرن تي رابطو ڪيو

**نادرا هيلپ لائين نمبر**

1777

**هيلپ لائين / مددگار نمبر**

چائيلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي 1121

ميڊيڪل ايمرجنسي ريسپانس 1122

**هيلپ لائين / مددگار نمبر سنڌ**

وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ 1094

سنڌ پوليس 1715

ليگل ايڊ سوسائيٽي 080070806

# اسان سان رابطي لاءِ

0300-9797272

creliefsind@gmail.com

www.crs.org.pk

ڳوٺ محمد عارب سولنگي، تعلقو ڪوٽڏجي ، ضلعو خيرپور





نياڻي پڙهايو . نياڻي بچايو

ننڍپڻ ۾ گهٽ عمر ۾ شادي ظلم به آهي

۽ قانوني جرم به